حياتيءَ جا ڏينهن پيو گهاري. ان ڪري ڪڏهن به ڪنهن اوپير واري شاعر جو شعر پڙهجي، ته هيءَ ڳالهه سداءِ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته مراد سندس سداءَ اعلي آهي، ۽ شاعر رڳو حق جي نرواري پيو ڪري.

پر هن رسالي ۾، شاهانه شاهه جو ان مد نظر تي رڳو متاچرو ويچار ڪرڻو آهي، باقي سندس علمي لياقت ۽ بلند ۽ باريڪ خيالن کي ظاهر ڪرڻ جي جا قابليت آهي، اُنکي سو چڱيءَ ريت جاچي ڏسڻو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون اُيي تڙ جهل پرين پگهه چوڙيا،
ڪامو نهين ۾ اَل، نا تہ سڄڻ سپاجها گهڻو.

مون اُيي تڙ پاس پرين پگهه چوڙيا،
هو الله آهار اوهريا آءٌ دم دم دعا ڪندياس،
آه نہ لاهينديا‌س، موٽي ايندا مون گهرين.

اهو رستو اهڙو ٻنو آهي، جو سندس شعر وري وري پڙهہ تہ بہ ماڻهو ڪڪ ئي نہ ٿئي. هڪڙا ٻگاله ڪي وڏائي ورهيہ ڪندا آهن، تہ ٻڌندڙ ڪي چڙ پيئي ويندي آهي، پر شاه جي اُپٽار اهڙي آهي، جو منجهائنس پاڻ مزو پيو اچي.

(۵) لنبي چوڙي ٻگاله ڪي ٿوري ۾ چٽائڻ جو بہ اُستاد آهي. سسئيءَ تي يا تہ سڄا سارا ۵ سر ڏيئي ويو آهي، يا تہ ساريءِ ٻگاله جو مطلب ٻن تڪن ۾ چٽائي ٿو ڇڏي. ڇي

سر جي تان سور ساماڻي تان سڪہ ويا،
اُهي ٻئي پور نماڻيءَ نصيب ٿيا.

گوادر ۾ موڪيءَ نالي هڪ عورت ڪي گتو هوندو هو، تنهنجي شراب واري مٽ ۾ هڪ لڳا هڪ سپ وڃي سري پيو، جنهنجي مائيءَ ڪي سڌ رهي ڪانہ. گراهڪ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مند ٿي منڊل وڃيا تاڙي ڪي تنوار،
هارين هر سنباهيا سرها ٿيا سنگهار.

مند ٿي منڊل وڃيا آيو جهڙ جهاٽي،
هڪ ارزاڻ ان ٿيو ٻيو مکڻ منجهه ماٽي.

مند ٿي منڊل وڃيا ڪي اوهيڙن اوڪ،
چاڇر ٿي چنن ۾ مينهون چرن موڪ،
سرهيون ٿيون سنگهاريون پوريو پائن طوق،
ميها چيڙ ڦنگيون ٿين سيپني ٿوڪ.

موٽي مانداڻن جي پري ڪيائين پيچ،
وڃون وسڻ آيون سارنگ چڙهيو سيج،
تنهن نوريءَ نوازيو ڏيئي ڏولڻا ڏيج،
ٻج ڪٽي پٽ هليا هاري منجهان هيج،
راضي منجهان ريج عالم سڀ آباد ٿيو.

موٽي مانداڻن جي جڙي ڪيائين جوڙ،
وڃون وسڻ آيون ٻه ٻه ٻڏائون ٻوڙ،
انن جا عالم ۾ ڪوڙين ٿيا ڪوڙ،
سارنگ لاٿي سوڙ، سانده سهائو ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موتي ماندائن جي پري ڪيائين پر،
وچون وسڻ آيون ڪوڏان ڪٽي ڪر،
مينهون پاڻ مراديون ٿڌا چرن ٿر،
وڏي اوه آيون پٽيءَ لائي قر،
ساري اچو ساميون ڏين ڪير سچر،
ساڻ وانڍين ور، پريون پرچڻ جون ڪيون.

جنگ تي لڳي. ڪٺن ڪويا ڪلي ڪوڏيا ڪارا ڪند هٿن ۾، اڙل وڇيرا هيٺ ڪيو هڪ ٻئي تي اُلڙي ٿا اچن، ڪيئن رڻ ڳجي ٿو ۽ راڙو ٿئي ٿو ته ڳجهيون رڻ چانئين ٿيون چڏين، اُنجو سربستو، ستار وري بخوبيءَ سر ڪيڏاري ۾ هنين ٿو آلي. چي:

جهمنديون اچن جهوليون جهونجهارن جون،
پايو ٻڪ ٻهار جا اُنجون وهون واڪا ڪن،
پٽين پار ڪڍن، رڻ ڳجيو، راڙو ٿيو.

ٻهادر ڳڏيا ٻهادرين ڪڙڳ ڪلول ڪن،
وجهن ڏڙ ڏڙن تي هاڪاريو هٿن،
ڪرن ڪنڌ نچن، رڻ ڳجيو، راڙو ٿيو.

ڪرن ڪنڌ نچن. ترار جو ڏڪ لڳندو، سو اول اوس سسي ٿورو ڏڙ ڪان مٿي ٿيندي ۽ پوءِ ڪرندي. ان مٿي ٿيڻ ۽ پوءِ ڪرڻ کي ٿو شاعر نچڻ ڪوٺي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ سدورو آهي،

ڇانڊِپ لڳي، ڇڳا ڇٽن ميوا ۽ ٻور،
ڪهاڙو لڳي، ڪوڪ نہ ڪري توڙي ڪريس چور.
پاڻ جلائي، ڇاون ڪري، نت انهي تي نور.

ان ڪري پاڻڪي صلاح ڏئي ٿو تون بہ دل ڪر درخت جي دستور،

(٩) تنهن ڏاران شيءِ کي جاچي ڪري منجهائنس گڻ بہ واهہ جوٽوڪيدي. پاڻيءَ ۾ ڏسي ٿو تہ بدبدا اُٿن تہ گهڻي مهل جالين ٿي ڪين. لهرون لڳنن ۽ اُتيئي اڏ ٿيو پون. تنهن تي پاڻ کي سمجهائي ٿو تہ سدورا.

جر ۾ ڦوٽو جئن لهرن لڳندي اڏ ٿئي،
تون پڻ آهين تئن، دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو.

اُن ڪري،

تانگهي ۾ تاڻي ٻڌ پنهنجو تُرهو،
اونهي ۾ آڻي ڪونہ ڏينديءِ ڪو ٻيو.

سُئي نماڻي وٽ، تنهنکي وري ڏسو ڇا نہ شرف ٿوڏئي! ڏسي ٿو تہ ويچاري ڪيئن ڪپڙا سبي، خلقون پيئي پهرائي، پر پاڻ اُگهاڙي جي اُگهاڙي ٿي رهي. تڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوان نوان ويس ۽ ورن ڏِکي، ويهي اندر جو حال ٻڌاوري، ۽ روح رهاڻ ڪري، ۽ پلٽون پلٽيندي، لاهوت ۾ لنگهي، وڃي هاهوت کي حد ٿو ڪري، ۽ نيٺ پاڻ سڃاڻي، پرم پد پائي، ايئن ٿوڄاڻي، ته:

پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، ڀڄڻ ۾ ڀ ٿيا.

پاڻ پردو پاڻ کي سٽي ڪر سنڀال،
وڇان جو وصال، سو تان هئڻ هنجو.

پاڻ پردو پاڻکي طالب سٽج تون،
نڪا هان نه هون پردا سڀ پاسي ٿيا.

جهنگ ڪامي پٽ ٿيو ڀڳي چوران لڪ،
سيڪڙو ۽ سڪ ڀني گڏيا پاڻ ۾.

جن وڃايو وجود سي فاني ٿيا في الله ۾،
نه تن قيام، نه قدور، نڪي ڪن سجود،
جيلانهن ٿيا نابود، تيلا نهن رسيا بود کي.

ياد رکڻ گهرجي ته اهو "وحدت وجوديءَ" واروئي خيال آهي، جنهن تي صوفي مت جي پيڙه ڀڏل آهي، ۽ شاه لطيف شاعر اهو خيال پنهنجي شعر ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڇي مڇي ڳوه ٿي پيئي هني، سا چوي "آءُ ڪا هي ٽلاءُ چڙيان." گهٽوئي سمجهايائونس ڪيائونس پر هنڪي هوانڌ، چوي "انهيءَ ترڻ تيل ئي نہ پوي جو آءُ اوهان ساڻ هلان،" آخر تہ ڪم اهڙو ٿيو جو ٽلاءَ جو پاڻي سمورو سڪي ويو، ۽ هن هٺيليءَ جو ڏاڍو برو حال ٿيو. شاه صاحب اها ڳالهہ سر ڏهر ۾ هيئن ٿو آڻي.

متو آهين مڇ ٿلهو ٿو ٿوناهٽين،
جا تو ڏٺي اڄ تنهن پاڻيءَ پنا ڏينهڙا.

جان واهڙ ۾ وه تان تون نہ موٽيو،
ڪائي ۾ ڪوه ڪرئين پوءِ موٽڻ جو پهہ؟
سر متي تون سهہ مهميزون ملاحن جون.

جان جر هنڙو جال تان تون مڇ نہ موٽيو،
پونيئي اڄ ڪ ڪالهہ سانپيون سانگن جون.

جان جر هنڙو سير تان تون مڇ نہ موٽيو،
آڏا اڏيئي ڪير، گهٽ بہ جهليئي گهاتئين.

۽ اِن جي وسيلي طالب کي هيءَ ٿو چيتاءُ ڪري تہ جڏهن وجهہ هوءِ مايا جي مهراڻ مان ٻاهر نڪرڻ جو تڏهن ڪيئي ٽنگاماڻي، هاڻ جڏهن راهون رد ٿي ويون اٿيئي، ۽ جار ۾ چوڙ ڪنيو قاسي ويو آهين، تڏهن ٿو پهہ ڪرين تہ ٻاهر نڪران. اجايو ٿو پاڻي ولوڙين. وينو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي جو آءٌ خواب غفلت ۾ ني ستو پيو آهيان يعني سنسار مهاڄار ۾ ني سوکهو ڦاٿو پيو آهيان، تہ بہ سندس سهڻيءَ صورت ۽ ناز ڀرين نيڻن جي رڳي خيال منهنجو من وس کان بيوس ڪري ڇڏيو آهي، ۽ آءٌ سندس نانءُ ڳنهي پيو نجهران يعني جهوٽا کان. اڃان جي سندس نج درسن پراپت ٿنيم تہ پنهنجي شناخت ني نہ رهيم، رچي لال ٿي وڃان.

تان جي ٿين سامهان پنيرا سونهن،
سنئون ورائي سپرين منهن جي مان ڏي ڪن،
رڳو سڀ رچن تن ۾ تازائي ٿني.

۽ انڪري ني چوي ٿو تہ ڪٽي

سهسين سڄن اُڀري چوراسي چنڊن،
با الله ري پرين سڀ اونداهي ڀانئيان.

هتي هيءَ ڳالهہ چائڻ گهرجي تہ صوفي سونهارا جڏهن مراقبہ ڪيي، ڏيان لائيندا آهن، تہ پهرين پهرين ڪين هڪ رويا جنسي چنڊ جهڙي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. هاڻ سندن ڪم اِن "چنڊ" سان نہ هوندو آهي، ڪين ڪپندو آهي "مرشد جو مشاهدو." شاه صاحب مٿئين بيت ۾ بہ اُن جو ني اشارو ڪيو آهي. ساڳيو خيال گورن جي آسادي وار ۾ بہ ساڳئي نموني نروار ٿيل آهي . چي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه چوي ٿو ته نيٺ هن سان ٻه اهڙوئي ورڻ ٿيو آهي، ۽ هاڻ ته جيتوڻيڪ

وهي منجهين وڳ

ته ٻه

ڪتوريءَ ڏار چري .
وهي منجهين وڳ ڪتوريءَ ڏار چري،
جڳ سين جهڙو جڳ هنئين سين هت چري.

۽

جيان ڪوڙ ٻنڪائين پنجين لکين پاءُ،
ميو تنهن ماڳاءُ ڏهاڙي ڏار چري.

جيان ڪوڙ ٻه ڪائيون پنجين لکين پڪ،
تيان ڏيني تڪ مير متارو ٿيو.

اُنڪري توکي مون کي ٻه نيڪ صلاح ٿو ڏئي ته اهڙو من روپي

لڪ لاڪيٽو ڪر هو ڪوڙين ڏيني ڪاهه،
ايلا چيون آهر ۾ پوچ ميي کي پاءِ،
ڪٽ نه ڪندو ڪاءِ جه پلاٽيو ته پرينءَ مڙي.

يعني من کي چڱي رستي لاءِ، مٿا مونا هٽي ڪيس ساڏ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

